ڊاڪٽر فرح بلوچ

# علامه غلام مصطفيٰ قاسمي جون صحافتي خدمتون

**Dr. Farah Baloch**

***Abstract:***

## Journalistic Services of Allama Ghulam Mustafa Qasmi

*The religious literary, journalistic and historical contributions of Allama G.M.Qasmi are well known to all. His scholarly knowledge is not only recognized in Sindh/Pakistan but is recognized all over the Muslim World. He has translated various books of Shah Walli-ul-Lah in Sindhi Language and many books from Sindhi to Arabic Language. He has also worked on the tefseer and the Holy Quran by Makhdoom Nooh Sarwar (R.A.) He had a great number of Ph.D and M.Phil students at his great. The work done by Allama Qasmi is the field of Journalism has no parallel among his contemporaries. Many books of Sindhi Adabi Board Jamshoro Quarterly magazine were also published under his guidance.*

*Besides, he performed the duties of editor of "New Sindh" news paper at Karachi in the famous journal of Shah Wal-ul-Lah Academy, Al-Rahim, Alwali, and Al-Hikma in Sindhi Urdu and English were also published under his editorship for of many decades.*

*علامه* غلام مصطفيٰ قاسمي نه صرف ادب پر صحافت ۾ به وڏو مقام رکي ٿو. شاهه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد جي ڊائريڪٽر مقرر ٿيڻ بعد اڪيڊميءَ طرفان ٽماهي سنڌي رسالو الرحيم ۽ اردو رسالو الرحيم ۽ اردو الولي جاري ڪيائين، بعد ۾ الرحيم اردو بند ٿي ويو. باقي سنڌي الرحيم ۽ اردو الولي جاري رهيا. گڏوگڏ ديني ادب ۽ سنڌي قوم جي به وڏي خدمت سرانجام ڏنائين. پاڻ انهن رسالن ذريعي شاه ولي اللّٰه جي فڪر ۽ نظريي کي سنڌ ۾ عام ڪرڻ ۽ ان کي سمجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو اٿس، ته ساڳئي وقت ادب، تاريخ، تهذيب و تمدنۡ سياسي مسئلن کي عام ڪرڻ ۾ به اڻٿڪ ڪوششون جاري رکيائين. علامه قاسمي کي شروعات کان وٺي

جيڪو ماحول مليو، سو سياسي، انقلابي تحريڪن ۽ انگريزن خلاف بغاوت جو زمانو هو، علامه قاسمي لکيو آهي ته:

"مون کي فارسي ۽ عربي پڙهڻ لاءِ ميروخان جي مشهور عالم ۽ بزرگ مولانا خوش محمد ميروخان وٽ ڇڏيو ويو...... سال ٻن ۾ ستت ئي فارسيءَ جو نصاب پورو ڪري وجي پار پيس ۽ عربيءَ جو گرامر 'صرف' شروع ڪيم. انهيءَ سال ترڪي خلافت کي شڪست آئي هئي. سنڌ ۾ تحريڪ خلافت انگريز سامراج جي خلاف هڪ طوفان برپا ڪري ڇڏيو هو.'الوحيد' اخبار به سلطان وحيدالدين ترڪيءَ جي نالي جاري ٿيندي هئي. منهنجن ڪنن تي اهي ڳالهيون پونديون هيون، پر عمر ايتري ننڍي هوندي هئي، جوڪجهه به سمجهي ٻهرو وٺي نٿي سگهيس." (1)

ميرو خان کان پوءِ علامه قاسمي ڳوٺ ڪور سليمان ۾ پڙهڻ لاءِ پهتو، جتي تحريڪ خلافت جي اڳواڻ پير تراب علي شاهه راشدي مدرسو قائم ڪيو هو. پاڻ اتي پڙهڻ جي دؤران پير تراب علي شاهه جي ڪچهري ۾ وڃي ويهندو هو. جتي پير تراب علي شاه کان ان وقت جي سياست جون ڳالهيون ٻڌندو هو. ان سان گڏوگڏ هندستان جي جڳ مشهور اخبارن 'الهلال' ۽ 'البلاغ' جا مضمون پير تراب علي شاه جي زباني ٻڌندو هو. اڳتي لکي ٿو:

"ڪڏهن ته علمي ۽ ادبي ڳالهين ۾ ساري رات لنگهي ويندي هئي ۽ صبح جو ٻانگ مهل پير صاحب حويلي هليا ويندا هئا ۽ آئون موٽي مدرسي ايندو هئس. شاه صاحب مولانا ابوالڪلام جي تحريڪ جو عاشق هو. مولانا جي اخبارن 'الهلال' ۽ 'البلاغ' جا فائيل وٽن محفوظ هئا، اهي ڪڍي خاص مضمون مون کي پڙهي ٻڌائيندا هئا. حضرت استاد جي تربيت ۽ پير صاحب تراب علي شاه جي ادبي ۽ علمي مجلس مون ۾ به اخبارن ۽ سنڌي ادب سان وڏو چاهه پيدا ڪيو." (2)

هي ڳالهيون ڏاڪي به ڏاڪي علامه قاسميءَ کي ادب، سياست ۽ صحافت ڏانهن مائل ڪنديون ٿي رهيون. اڳتي هلي پاڻ جڏهن ڪانگريس ۾ سرگرم ٿيو، ته ان دؤران به سندس تعلق ان وقت جي اخبارن سان قائم ٿيو ۽ اڳتي وڃي سنڌي اخبارن ۾ پنهنجا ليک پڻ ڇپرائڻ لڳو. پاڻ پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکي ٿو ته:

"اٽڪل 15 سالن جي عمر ۾ مون کي ڪانگريس جو پريذيڊينٽ چونڊيو ويو، اڳتي هلي ضلعي لاڙڪاڻي ڪانگريس جو وائيس پريزيڊينٽ ٿيس. هن عهدي ۽ لاڳاپي ڪري سنڌ جون سنڌي اخبارون مون وٽ اينديون هيون. ان دؤر ۾ ننڍين ننڍين شهرن مان هڪ هفتي وار سنڌي اخبار 'طوفان

ميل‘ باقاعده نڪرندي هئي، جيڪا ’مارئي‘ يا ’برسات‘ جهڙي هوندي هئي. منهنجا ان وقت ۾ ’الوحيد‘ ۽ ٻين اخبارن ۾ ليک ڇپبا هئا.” (3)

ان طرح علامه صاحب شروع کان وٺي ادب ۽ صحافت سان لاڳاپو قائم ڪيو. دارالعلوم ديوبند کان پڙهي واپس سنڌ پهتو ته هتي علمي ادبي ۽ تدريسي ڪمن سان لڳي ويو. ان دؤران ادب ۽ صحافت جيڪا سندن خمير ۾ شامل ٿي چڪي هئي، تنهن به پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيا. ۽ علامه قاسمي صاحب عملي طور صحافت ۾ پير پاتو. علامه قاسمي1957 ۾ ’نئين سنڌ‘ اخبار جو ايڊيٽر ٿيو، جنهن ۾ سنڌ جي مختلف حالتن ۽ مسئلن تي تيز ۽ تُند قلم سان پنهنجا ويچار اظهاريندو رهيو. نئين سنڌ اخبار کان پوءِ پاڻ جنهن صحافت ۾ پير رکيائين سا خالص علمي تحقيقي صحافت هئي.

**علمي ۽ تحقيقي صحافت ۾ قدم:**

**ستت ئي** ’شاه (ولي الله رحه)اڪيڊمي‘ جو شاهه ولي الله دهلوي **رحه** جي فڪر جي اشاعت لاءِ بنياد رکيو ويو. جنهن ۾ علامه غلام مصطفيٰ قاسمي کي به خدمت جو موقعو مليو ۽ پاڻ اڪيڊمي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرس جا ميمبر مقرر ٿيا. شاه ولي الله اڪيڊمي جي بورڊ آف ڊائريڪٽرز طرفان فيصلو ڪيو ويو ته: ”شاه (ولي الله رحه)جي علم ۽ فڪر کي آسان ۽ عام ڪرڻ لاءِ اردو، سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ڪي رسالا پڻ جاري ڪيا ويندا.“ (4) هن فيصلي تحت اردو رسالو الرحيم ته سُتت ئي شروع ٿي ويو. جيڪو اڪيڊمي جي قيام سان گڏ ئي باقاعدگي سان نڪرندو رهيو. انگريزي ۾ ’الحڪمت‘ رسالو به جاري ٿيڻ شروع ٿي چڪو هو، پر الرحيم سنڌي لاءِ ڊڪلريشن مسئلو هو. ان دؤر ۾ ڪو سنڌي ٻوليءَ جو رسالو جاري ڪرڻ اک جي ماکي لاهڻ وانگر آسان ڪم نه هو. علامه قاسمي صاحب جي صحافتي ڪردار جو هي اهم موقعو هو، جتي ڪين پرپور جدوجهد ڪري سنڌي الرحيم جي ڊڪليريشن حاصل ڪرڻي هئي، پر علامه قاسمي صاحب جڏهن ڏٺو ته ڊڪليريشن سولو ڪم ناهي ته سندن همت کي شاباس هجي، جو سندرو ٻڌي الرحيم کي سلسليوار هلائڻ جي شروعات ڪري ڏنائين. پاڻ الرحيم سنڌي جي پهرئين اشاعتي سلسلي ۾ لکي ٿو:

”ماهوار اردو رسالو الرحيم جي نالي سان اڪيڊمي جي قيام سان گڏوگڏ نڪري نروار ٿيو ۽ باقاعدگي سان نڪرندو رهي ٿو. ۽ انگريزي رسالو ’الحڪمت‘ جي نالي سان پريس ۾ آهي. باقي سنڌي

تماهي رسالي جي ڊڪلريشن هٿ ڪرڻ لاءِ ڪوشش هلندڙ آهي. جيستائين ڪوشش صاب پئي تيستائين اسين في الحال سنڌي ۾ ٽماهي ڪتابي سلسلو الرحيم جي نالي سان شروع ڪري رهيا آهيون. جو اوهان جي آڏو آهي.” (5)

ان طرح علامه قاسمي همت ڪري الرحيم سنڌي سلسليوار ئي سهي پر جاري ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيو. الرحيم سنڌي ٽماهي پهريون سلسلو 1965ع ۾ سرءُ جي مُند کان جاري ٿيو. 1965 جا چار پرچا مڪمل هر مدّ ۾ جاري ٿيا. 1965 جا مڪمل شمارا جاري ٿيڻ کان پوءِ جيئن ئي نئون سال شروع ٿيو ته الرحيم جي اهميت جي پيش نظر ان جا صفحا 118 مان وڌائي 132 ڪيا ويا. قاسمي صاحب ان بابت پڙهندڙن کي ڄاڻ ڏيندي لکيو:

“اسان نئين سال ۾ پير پائيندي هن ڪتابي سلسلي ۾ گهٽو واڌارو ڪيو آهي. الرحيم جا صفحا 118 مان وڌائي 132 ڪيا ويا آهن. ڪوشش ڪري علمي ادبي مضمونن سان گڏ آخر ۾ ناياب سنڌي ڪلام هٿ ڪري ڏنو اٿئون. ۽ اميد ته اها ڪوشش اڳتي لاءِ به جاري رهندي.” (6)

اڳتي هلي الرحيم سنڌي سنڌ جي علمي ادبي حلقن ۾ وڏي مقبوليت ماڻي، 1967 ۾ الرحيم جو مشاهير نمبر شايع ٿيو، جيڪو سڄي سنڌ جي هر پڙهي لکئي پسند ڪيو. قاسمي صاحب ان جي مقبوليت بابت لکي ٿو:

“هن نمبر کي اسان جي اميد کان به وڌيڪ مقبوليت حاصل ٿي آهي، جو ٿوري ئي وقت ۾ گهٽي پاڳي ان جون ڪاپيون فروخت ٿي چڪيون آهن.” (7)

هڪ موقعي تي علامه قاسمي الرحيم جي مضمونن ۽ مقالن تي پنهنجي راءِ ڏيندي لکيو:

“الرحيم سنڌي جون جيڪي به اشاعتون نڪتيون آهن، اهي سنڌي ساهتيه ۾ مثالي حيثيت رکن ٿيون، وادي سنڌ جي ادب، تاريخ، فلسفي ۽ اخلاق تي الرحيم سنڌي ۾ اهي مقالا ۽ مضمون شايع ٿيا آهن. جي هوند محققن لاءِ اڳتي هلي وڏو علمي سرمايو ثابت ٿيندا.” (8)

شاه ولي الله اڪيڊمي جي طرفان الرحيم توڙي اردو جي مقبوليت جي پيشِ نظر هر شماري جا سال وار جلد به ڇاپيا ويا، جيڪي پڻ پڙهندڙن جي سهولت لاءِ وڪري طور پيش ڪيا ويا. قاسمي صاحب ان بابت پڙهندڙن کي ڄاڻ ڏيندي لکي ٿو:

”ماهوار الرحيم اردو جا پنجن سالن جا ضخيم فائل هزارن صفحن ۾ موجود آهن، جن کي هڪ هڪ سال جي جلد ۾ گڏ ڪيو ويو آهي ۽ انهن جي اعليٰ جلد بندي ڪئي وئي آهي. ساڳي ريت سنڌي الرحيم جي ٽن سالن جا جدا جدا فائيل تيار ڪيا ويا آهن. جن ۾ وڏا تحقيقي مقالا ۽ مضمون اچي ويا آهن. اميد ته اسان جا پڙهندڙ هنن مان نفعو پرائيندا.“ (9)

اڪيڊمي طرفان هڪ پاسي هنن علمي رسالن لاءِ هن قسم جي جاکوڙ ۽ پرپور همت سان ڪوششون هلندڙ هيون ته ٻئي پاسي ملڪ ۾ سياسي حالتن پلٽو کاڌو، جن جي نتيجي ۾ الرحيم اردوءَ کي لاهور منتقل ڪيو ويو، جتي ٻن پرچن ڪڍڻ کان پوءِ اهو بند ٿي ويو، پر الرحيم سنڌيءَ کي ماڳهين بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو ويو. جنهن تي افسوس جو اظهار ڪندي قاسمي صاحب لکيو:

”الرحيم سنڌي ڪتابي سلسلي جي پڙهندڙ کي اهو پڙهي ضرور افسوس ٿيندو ته شاه ولي الله اڪيڊمي جي ڪارپردازن هن اشاعتي سلسلي کي بند ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. ان ڪري هيءُ آخري ڪتاب سمجهڻ گهرجي.“ (10)

هن سرڪاري حڪم کان پوءِ الرحيم سنڌي ته ماڳهين بند ٿي ويو، پر الرحيم اردو لاهور ڪجهي ويو، جتي ٻن شمارن نڪرڻ کان پوءِ اهو به بند ٿي ويو.علامه قاسمي هن ۾ اهو ته ظاهر ناهي ڪيو ته اصل سبب ڪهڙا هئا، جن جي ڪري الرحيم کي لاهور منتقل ڪيو ويو، پر اڳتي سندن ڪجهه اهڙيون ڳالهيون سامهون آيون، جن مان سمجهي سگهجي ٿو ته اهي سبب ون يونٽ جو قيام هئا. جن جي ڪري الرحيم کي به لاهور منتقل ڪيو ويو. علامه صاحب لکي ٿو:

”اسان کي ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر ڪيترائي خط اشاعت لاءِ پهچندا رهيا، پر انتظامي سببن جي ڪري، اسان مجبور هئاسين. نيٺ ون يونٽ جو خاتمو ٿيو ۽ هي فيصلو ٿيو ته بورڊ ٻن ماهنامن اردو ۽ سنڌي جي ٻيهر اشاعت جاري رکي.“ (11)

هن مان صاف نظر اچي رهيو آهي ته الرحيم ون يونٽ جي انتظامي تبديليءَ سبب لاهور منتقل ٿيو ۽ ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ انتظامي تبديلي ٿي ته ٻيهر شاه ولي الله اڪيڊمي حيدرآباد تان جاري ٿيڻ جو بورڊ فيصلو ڪيو. پر هينئر بورڊ الرحيم جي اشاعت سان گڏ هڪ ٻيو رسالو الولي به جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو ۽ ان ۾ اهو به فيصلو ٿيو ته ٻنهي رسالن

مان هڪ سنڌي ۾ ۽ هڪ اردو ۾ هئڻ گهرجي. ماهوار الرحيم کي سنڌي ماهوار طور جاري ڪيو وڃي ۽ الولي کي اردو ماهوار طور جاري ڪرڻ جو فيصلو ڪيو وڃي. ون يونٽ جو مڙهجڻ جتي سنڌ جي سياسي ۽ اقتصادي استحصال جو ذريعو بڻيو اتي اهو سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن لاءِ به تباهيءَ جو سبب بڻيو، جنهن ڪري ون يونٽ جي گهٽ ۽ پوسٽ واري ماحول مان نڪرڻ وقت سنڌ جي هر ماڻهوءَ وانگر سنڌ جي عالمن ۽ اديبن به پاڻ کي نئين روشني ۽ نئين صبح ۾ اٿندي محسوس ڪيو، علامه قاسمي جي انهيءَ دلي صورتحال جو سندس هنن لفظن مان مشاهدو ڪري سگهجي ٿو. لکي ٿو:

”ون يونٽ جي خاتمي کان پوءِ خير سان نئون سج اڀريو ۽ نئون نظام وجود ۾ آيو........ اسان کي ڀيهر موڪل ملي آهي ته انهيءَ علمي سلسلي کي وري جاري ڪيون. هن پيري سنڌي الرحيم ماهوار رسالو ٿيندو ۽ اردو جو نالو الولي رکيو ويو آهي. ٻنهي جي اجازت لاءِ درخواستون ويل آهن. جي اميد ته قبوليت ۾ ايندين. في الحال هن مهيني کان سنڌي ڪتابي سلسلو ماهوار شروع ڪيو ويو آهي. اڳتي هلي باقاعده اجازت کان پوءِ ان کي رسالي جي صورت ۾ شايع ڪيو ويندو.“ (12)

بهرحال ون يونٽ کان پوءِ الرحيم جو ڪتابي سلسلو ماهوار شروع ٿيو ۽ قاسمي صاحب وڏي خوشيءَ سان الرحيم جي ون يونٽ کان پوءِ پهرئين اشاعتي سلسلي 1971ع ۾ اهو اعلان ڪندي الرحيم جي پڙهندڙن سان مخاطب ٿيو ته:

”سڀ کان اڳ تماهي الرحيم سنڌي جي پراڻن پڙهندڙن کي هي خوشخبري ٻڌايون ٿا ته هن مهيني کان اسين ڀيهر اوهان سان هم ڪلام ٿي رهيا آهيون ۽ انشاءالله هر مهيني تحريري ملاقات جو اهو سلسلو جاري رهندو.“ (13)

ان کان پوءِ الرحيم 1980ع تائين باقاعدگيءَ سان جاري ٿيندو رهيو. علامه صاحب الرحيم جا اداريا (ايڊيٽوريل) ”عرض حال“ جي عنوان سان لکندو رهيو.

الرحيم ۽ الولي رسالن جي نالن ۾ اردو سنڌي ۾ اشاعت سان ٻنهي رسالن جي پاليسي ۽ معيار ۾ ڪوبه فرق نه رکيو ويو هو. علامه قاسمي ان بابت لکي ٿو:

”هي نالي جي تبديلي انتظامي معاملن جي ڪري آهي نه ته اڳئين الرحيم ۽ هاٺوڪي الولي جي پاليسي ۽ معيار ۾ ڪوبه فرق محسوس نه ٿيندو.“ (14)

بهرحال الرحيم کان پوءِ الولي اردو جاري ٿيڻ شروع ٿيو. الولي کي به علامه قاسمي الرحيم وانگر محنت جاکوڙ سان علمي حلقن ۾ هڪ اهم رسالي طور ڦهلائي ڇڏيو ۽ علمي حلقن ۾ ان کي تمام گهڻو پسند ڪيو ويو.

**الرحيم ۽ الولي جي نوعيت:**

ماهوار الرحيم ۽الولي علمي ۽ تحقيقي رسالا هئا، ميگزين ۽ رسالن ۾ ڪي رسالا نيوز ميگزين ٿين ته ڪي سياسي ۽ ڪرنٽ اشوز تي. الرحيم ۽ الولي اهڙن ميگزينن مان نه هئا. هي خالص علمي رسالا هئا. ان ڪري انهن جو مواد به ديني، علمي، ادبي، تاريخي، ثقافتي ۽ تحقيقي موضوعن تي مشتمل هو. علامه صاحب جا ان تي ادارتي نوٽ به شذرات جي نالي انهي انداز ۾ لکيل آهن.

الرحيم ۽ الولي جا مضمون ۽ ايڊيٽوريل (شذرات) ٻنهي جو موضوع جيئن ذڪر ٿيو، برابر علمي ۽ تحقيقي هو پر ائين به نه هو ته الولي جو مُدير علامه قاسمي سياسي مسئلن ۾ ملڪ ۽ ملڪ کان ٻاهر جي سياسي، مذهبي ۽ قومي، اشوز کان بلڪل ڪناره ڪش رهندو هو. بلڪه علامه صاحب ڪيترن نظرياتي، فڪري، سياسي موضوعن تي ملڪي توڙي عالمي حالتن جي تناظر ۾ تجزيا ۽ رايا ڏيندو رهندو هو. مثال طور داخلي طور ملڪ جي اندر مذهبي جهڳڙن، فرقيواريت، عالمن جي سياست ۾ ڪردار، حڪومتي نظام هيٺ ٿيندڙ مختلف معاملن تي خيالن جو اظهار ڪندو رهندو هو. اهڙي طرح ملڪ کان ٻاهر فلسطين جي مسئلي، عرب ملڪن جي ان سلسلي جي اختلافن، ڪمزورين ۽ انتشار، عالمي قوتن ۽ آمريڪا جي مسلمانن خلاف روين تي تنقيد ۽ تجزيو ڪندو رهندو هو.

علامه قاسمي جي ماهوار الرحيم ۽ الولي ۾ لکيل اداريا هر قسم جي لحاظ کان علمي پنڊار ۽ ’جامع دستاويز‘ آهن. علامه صاحب جا لکيل اداريا بظاهر ته صحافت سان تعلق رکن ٿا، پر انهن ۾ ادبي اثر به واضح نظر اچي ٿو. هنن ادارين کي پڙهڻ سان معلوم ٿئي ٿو ته، هي اداريا صحافت، ادب ۽ اسلامي علوم تي هڪ جامع دستاويز جي حيثيت رکن ٿا ۽ هڪ عام پڙهندڙ کان علاوه صحافت، ادب، فلسفي، سماجيات ۽ اسلامي علوم جي شاگردن لاءِ پڻ تمام وڏي اهميت جا حامل آهن.

حوالا:


1. علامه: استاد العلماء غلام مصطفي قاسمي، جڏهن مان ننڍو هوس، ڪتاب: سنڌ جوسرتاج، مرتب: مولانا نظر محمد مصطفوي، ناشر: المصطفي اڪيڊمي کهڙا گمبٽ، خير پور ميرس، سال: 2001، ص: 2
2. حوالو ساڳيو:ص: 4
3. علامه: استاد العلماء غلام مصطفي قاسمي، جڏهن مان ننڍو هوس، ڪتاب: سنڌ جوسرتاج، مرتب:مولانا نظر محمد مصطفوي، ناشر: المصطفي اڪيڊمي کهڙا گمبٽ، خير پور ميرس، سال: 2001ع، ص: 4
4. ٽماهي الرحيم سنڌي؛ سرءُ (1)؛ شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، سال: 1965ع، ص: 7- 6
5. حوالو: ساڳيو، ص: 8
6. ٽماهي الرحيم سنڌي (1)؛ 1966، ص: 4
7. حوالو: ساڳيو، ص: 3
8. ٽماهي الرحيم سنڌي؛ سرءُ (1)؛ شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، سال: 1965ع، ص: 3-4
9. حوالو: ساڳيو:ص: 1
10. حوالو: ساڳيو:ص: 2
11. حوالو، ساڳيو: ص: 2
12. ٽماهي الرحيم سنڌي؛ سرءُ (1)؛ شاه ولي الله اڪيڊمي، حيدرآباد، سال: 1965ع، ص: 1
13. حوالو ساڳيو: ص: 46
14. حوالو، ساڳيو: ص: 3